# بيتُ الله جا فضائِل

## 15-June-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

15 جون، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# بيتُ الله جا فضائِل

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... ڪعبي شريف جي برڪت سان شِفا ملندي آهي

✿... ڪعبي جي چاٻيءَ جي برڪت

✿... ڪعبي شريف جي متعلق دلچسپ معلومات

✿... ظالم مڙس جو هٿ شَل (سُن) ٿي ويو

پيشڪش

مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون طواف جي دوران هڪ شخص کي ڏٺو، جيڪو هر قدم تي درودِ پاڪ ئي پڙهي رهيو هو. مون ان کان پڇيو: اي ڀاءِ! طواف جي دوران پڙهڻ جون ٻيون به دعائون ۽ اذڪار آهن، انهن سيني جي بدران صرف ۽ صرف درودِ پاڪ جو ئي ورد ڪري رهيو آهين، ان ۾ ڪهڙو راز آهي؟ ان جواب ڏيندي چيو: مان ۽ منهنجو والد ٻئي حج جي ارادي سان نڪتا هئاسين، رستي ۾ منهنجو والد صاحب بيمار ٿي پيو ۽ انهيءَ بيماريءَ ۾ سندن انتقال ٿي ويو، والد جي وفات جو ڏک پنهنجي جاءِ تي، پر منهنجي لاءِ تمام پريشاني واري ڳالهه هيءَ هئي جو منهنجي والد صاحب جو چهرو بلڪل ڪارو ٿي ويو، اهو ڏسي ڪري مون بابا سائين جن جو چهرو ڍڪي ڇڏيو ڏک ۾ ويهي رهيس. ويٺي ويٺي منهنجي اک لڳي وئي، مون خواب ۾ ڏٺو: هڪ نهايت ئي حسين ۽ جميل شخصيت آهن، سندن لباس نهايت صاف سٿرو هو ۽ انهن مان اهڙي خوشبو مهڪي رهي هئي جو مون ڪڏهن نه سونگهي هئي، اهي منهنجي والد صاحب جي ويجهو آيا، چادر هٽائي ۽ پنهنجو مبارڪ هٿ انهن جي چهري تي ڦيريائون.

الله! الله! بس اهو نوراني هٿ چهري تي لڳڻ جي دير هئي، منهنجي والدِ محترم جو ڪارو چهرو نور سان چمڪڻ لڳو. هڪ بيوس تي اهڙي ڪرم نوازي فرمائڻ ڪان بعد اهي عظيم شخصيت جڏهن موٽڻ لڳا ته مان جلدي مان انهن جي دامن سان چنبڙي ويس ۽ اَدب سان عرض ڪيُم: اوهان هن ويراني ۾ مون تي ۽ منهنجي والد تي اهڙي ڪرم نوازي فرمائي، اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: مان صاحبِ قرآن محمد بن عبدُ الله (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) آهيان، تنهنجو والد صاحب تمام گنهگار هو، البت ان سان گڏوگڏ مون تي ڪثرت سان درودِ پاڪ به پڙهندو هيو، جڏهن هي هن بيماري ۾ مبتلا ٿيو ته مون سان فرياد ڪيائون ۽ بيشڪ جيڪو مون تي ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهندو آهي مان ان جو فرياد ٻڌندو آهيان. ان نوجوان وڌيڪ چيو: جڏهن منهنجي اک کُلي ته مون ڏٺو: منهنجي والد صاحب جو چهرو اڇو چمڪدار ٿي چڪو هو. (تفسير روح البيان،پاره:22،سورهٔ احزاب،زيرِ آيت:56 ، جلد:7،صفحه:225 )

| | |
|---|---|
| گورِ بیکس کو شمع سے کیا کام | ہو چراغِ سَرِ مزار دُرود |
| قبر میں خوب کام آتی ہے | بیکسوں کی ہے یارِ غار درود |

(ذوقِ نعت،صفحه:124 -125)

وضاحت: يعني بي وس ۽ گنهگار کي قبر ۾ شمع جي ضرورت ناهي، ڪاش! قبر ۾ درودِ پاڪ جا ڏيئا روشن ٿي وڃن. بيشڪ درودِ پاڪ قبر جو ساٿي آهي، گنهگارن جو يارِ غار ۽ يارِ مزار درودِ پاڪ ئي آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾

داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

ادب جي برڪت سان ايمان نصيب ٿي ويو

پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دنيا ۾ تشريف وٺي اچڻ کان ڪيئي سال پهريان جي ڳالهه آهي: تُبَّع حِمۡيَري جيڪو پنهنجي دور جو وڏو بادشاهه هيو، هي اهو خوش نصيب آهي جو جڏهن انهن پنهنجي عالمن جي واتان پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪرِ خير ٻُڌو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ايمان به آندائون ۽ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نانءُ هڪ خط به لکيائون، جيڪو نسل دَر نسل حضرت اَيُّوب انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْه وٽ پهتو ۽ انهن سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ پيش ڪيو. (تفسير صراط الجنان، پاره:25، سورة دخان،زيرِ آيت:37، جلد:9، صفحه:196بتغير قليل) رسولِ خُدا، احمدِ مُجتبٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تُبَّع حِمۡيَري جي تعريف به فرمائي ۽ انهن کي بُرو چوڻ کان به منع فرمايو. (معجمِ ڪبير، جلد:3، صفحه:539، حديث:5881)

جيئن ته! تُبَّع حِمۡيَري سڄي دنيا جو بادشاهه هيو، انهن جي الله جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ايمان آڻڻ کان پهريان جي ڳالهه آهي، هڪ ڏينهن انهن کي خيال آيو ته زمين جي سير ڪرڻ گهرجي ۽ ڏسڻ گهرجي ته ماڻهو

---

[1] مسند فِرۡدَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

کھڙي حال ۾ آهن، بهرحال هُو شاهي شان ۽ شوڪت سان سفر تي روانو ٿيو، بادشاهه جو لشڪر جنهن شهر ۾ پهچندو هيو، ان شهر جا ماڻهو اڳتي وڌي ڪري استقبال ڪندا، بادشاهه جو ادب ۽ احترام ڪندا هئا، بادشاهه سلامت هر شهر مان عالمن کي ساڻ ڪندو ۽ اڳتي روانو ٿي ويندو هيو، ائين ڪندي ڪندي تقريباً هڪ لک عالم بادشاهه سلامت سان گڏ ٿي ويا. بادشاهه سلامت سفر ڪندي ڪندي مڪي پاڪ پهتو. اتان جو معاملو ٻين شهرن کان بلڪل مختلف هو، تُبَّع حِمّيَري جنهن شهر ۾ پهچندو هيو، ماڻهو اڳتي وڌي ڪري استقبال ڪندا هئا پر مڪي پاڪ جي ماڻهن نہ بادشاهه جو استقبال ڪيو، نہ عزّت ۽ احترام ڪيو. اهو ڏسي ڪري بادشاهه کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، ان پنهنجي وزير کي گهرائي ڪري پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو تہ وزير ٻڌايو: بادشاهه سلامت! مڪي شريف ۾ هڪ گهر آهي، جنهن کي هي ماڻهو بيتُ الله چوندا آهن، هي ماڻهو بس ان گهر جي عزّت ڪندا آهن. هي ٻڌي ڪري بادشاهه کي ويتر ڪاوڙ آئي، بادشاهه حڪم ڏنو تہ هن گهرَ کي ڪيرايو وڃي ۽ هتان جي ماڻهن کي قتل ڪيو وڃي. (معاذَ الله!)

جيئن ئي بادشاهه اهو حڪم جاري ڪيو، انهيءَ وقت سندس مٿي ۾ شديد سورُ شروع ٿي ويو، گڏوگڏ اکين، نڪ ۽ وات مان اهڙو ڌپَ وارو پاڻي وهڻ شروع ٿيو جو ڪو شخص ان وٽ هڪ سيڪنڊ جي لاءِ بہ نہ ترسي سگهندو هو.

بادشاهه جي اها حالت ڏسي ڪري طبيبن (*Doctors*)کي علاج جو حڪم ٿيو، حڪيم، طبيب واري واري سان ڪوششون ڪرڻ لڳا پر بادشاهه جو مرض سمجهڻ ۽ ان جو علاج ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ، ڪو بہ بادشاهه وٽ ويهي ئي نہ پئي سگهيو. آخر سڀئي طبيبن اهو ئي چيو تہ اسان زميني بيمارين جو علاج تہ ڪندا آهيون، آسماني مرض جو علاج اسان وٽ ناهي.

بادشاهه سخت تڪليف ۾ هو، علاج جي ڪا صورت نظر نہ پئي آئي، انهيءَ

حالت ۾ رات تي وئي، هڪ عالِم صاحب وزير وٽ آيو ۽ چيائين: ڪجھ سوال پڇندُس، جيڪڏهن بادشاھ سلامت مونکي صحيح جواب ڏِيَن تہ مان سندن علاج ڪري سگھان ٿو. اهو ٻڌي ڪري وزير تمام گھڻو خوش ٿيو، فوراً ان عالِم صاحب کي وٺي بادشاھ وٽ پهتو، بادشاھ ۾ ان عالِم صاحب کي اڪيلو ڇڏيو ويو، عالِم صاحب پڇيو: اي بادشاھ! ڇا اوهان هن بيتُ اللّٰه کي نقصان پهچائڻ جو ارادو ڪيو هو؟ بادشاھ چيو: ها! ائين ئي آهي. عالِم صاحب چيو: انهيءَ سبب اوهان کي هيءَ بيماري لڳي آهي، هن گھر جو مالِڪ دلين جون ڳالهيون بہ خوب ڄاڻي ٿو، اوهان هن ارادي کان رڪجي وڃو! هن گھر (يعني ڪعبي شريف) ۽ ان جي خادمن سان نيڪي ۽ ڀلائي جو ارادو ڪيو! جيڪڏهن اوهان ائين ڪندؤ تہ اوهان کي شفا نصيب ٿي ويندي، جيئن تہ بادشاھ پنهنجو ارادو مَٽائي ڇڏيو ۽ ڪعبي شريف جي عزّت ڪرڻ، مڪي وارن سان نيڪي ۽ ڀلائي جو ارادو ڪيو، بس اهو ارادو ڪرڻ جي دير هئي، بادشاھ سلامت کي انهيءَ وقت شِفا نصيب ٿي وئي.

ان وقت تُبَّع حِمۡيَري ڪعبي جي ربَّ تي ايمان آندو ۽ ڪعبي شريف تي 7 قيمتي غلاف چڙهايا، تُبَّع حِمۡيَري ئي پهريون شخص آهي جنهن خانہءِ ڪعبہ تي غلاف چڙهايو. (تاريخِ مدينہ دمشق ،جلد:11 ،صفحہ:10 -12 ملتقطاً )

کعبے کی رونق کعبے کا منظر، اللّٰہُ اَکبَر! اللّٰہُ اَکبَر!
دیکھوں تو دیکھے جاؤں برابر، اللّٰہُ اَکبَر! اللّٰہُ اَکبَر!
دیکھا صَفَا بھی، مروہ بھی دیکھا، تیرے کرم کا جلوہ بھی دیکھا
دیکھا رواں اِک سروں کا سمندر، اللّٰہُ اَکبَر! اللّٰہُ اَکبَر!

سُبۡحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو توهان! ڪعبي شريف جون ڪهڙيون عظيم برڪتون آهن، تُبَّع حِمۡيَري ڪعبي شريف جي بي ادبي جو صرف ارادو ئي ڪيو

هو تہ الله پاڪ جو غضب ان تي نازل ٿيو، پوءِ جڏهن ان ڪعبي شريف جي عزّت جو ارادو ڪيو تہ ربّ رحمٰن ۽ رحيم جو درياءِ رحمت جوش ۾ آيو ۽ تُبَّع حِمۡيَري ڪي انهيءَ وقت دردناڪ مرض ڪان شفا نصيب ٿي وئي.

ان واقعي مان اسان کي 2 ڳالهيون سکڻ جي لاءِ مليون:

## (1): ڪعبي شريف جي بي ادبي جي نحوست

پهرين ڳالهہ هيءَ تہ ڪعبي شريف جي بي ادبي ڪرڻ هلاڪت ۾ پوڻ جو سبب آهي. ڏسو! تُبَّع حِمۡيَري ڪعبي شريف کي اڃان نقصان پهچايو نہ هو، بس اڃان ارادو ئي ڪيو هو تہ ان تي الله پاڪ جو غضب نازل ٿيو. اهڙيءَ طرح اَبۡرَهَ نالي بادشاهہ جو واقعو بہ مشهور آهي، اهو بدبخت ڪعبي شريف کي نقصان پهچائڻ جي لاءِ هاٿين تي سوار فوج ساڻ ڪري آيو هو پر ان کي خبر نہ هئي تہ هن گهر جو مالِڪ (يعني الله پاڪ) وڏين قدرتن وارو آهي، ربِّ ڪائنات ان جي غرور کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو ننڍڙن ننڍڙن پکين (يعني ابابيلن) جي ذريعي ان جي هاٿين تي سوار فوج کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَلَمۡ تَرَ كَيۡفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصۡحٰبِ الۡفِيۡلِ ۝١ اَلَمۡ يَجۡعَلۡ كَيۡدَهُمۡ فِيۡ تَضۡلِيۡلٍ ۝٢ وَّ اَرۡسَلَ عَلَيۡهِمۡ طَيۡرًا اَبَابِيۡلَ ۝٣ تَرۡمِيۡهِمۡ بِحِجَارَةٍ مِّنۡ سِجِّيۡلٍ ۝٤ فَجَعَلَهُمۡ كَعَصۡفٍ مَّاۡكُوۡلٍ ۝٥ | آيت ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا تو نہ ڏٺو جو تنهنجي ربّ انهن هاٿيءَ وارن جو ڪهڙو حال ڪيو؟ ڇا ان انهن جي مڪر ۽ فريب کي تباهي ۾ نہ وڌو. ۽ انهن تي فوج در فوج ملائڪ موڪليا. جيڪي انهن کي روڙي جي پٿرين سان مارينديون هئا. پوءِ انهن کي جانورن جي کاڌل گاهہ وانگر ڪري ڇڏيو. (سيپارو: 30، سورة فيل: 1_5) |

## 2 عبرتناڪ واقعا

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ اسان سڀني کي باربار حج ۽ عمري جي سعادت عطا فرمائي، ياد رکو! گناهه هر جڳهه گناهه ئي آهي، البت حرمِ پاڪ ۾، خصوصاً ڪعبي شريف جي رُوبَرو گناهه جو ڪم ڪرڻ صرف گناهه ئي نه، ڪعبي شريف جي بي ادبي به آهي، ان جي لاءِ حرمِ پاڪ ۾ وڃي ڪري گناهن کان خصوصاً بچڻ لازمي آهي.

(1): زمانهءِ جاهليت جي ڳالهه آهي، هڪ شخص جنهن جو نالو اِسَاف هيو، ان ۽ نائله نالي هڪ عورت عين ڪعبي شريف جي اندر بدڪاري ڪئي، هاءِ! انهن بدبختن کي ڪعبي شريف جي حرمت جو به احساس نه ٿيو، اُمُّ المؤمنين سيده عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ عَنْہا فرمائن ٿيون: جڏهن انهن ٻنهي ڪعبي شريف جي اهڙي بي ادبي ڪئي ته انهن تي الله پاڪ جو ڏمر نازل ٿيو ۽ اهي ٻئي انهيءَ وقت پٿر بڻجي ويا.

(2): زمانهءِ جاهليت جو ئي واقعو آهي: هڪ عورت ۽ هڪ مرد طواف ڪري رهيا هئا، انهن غلط نيت سان پنهنجو جسم هڪٻئي سان مِلايو، انهن تي انهيءَ وقت قهر نازل ٿيو ۽ انهن جا جسم انهيءَ جڳهه تي پاڻ ۾ چنبڙي ويا، هاڻي انهن کي ماڻهن کان حيا آئي، اهي ڊجي ڪري اتان ڪان ڀڳا، رستي ۾ هڪ پوڙهي ماڻهوءَ سان انهن جي ملاقات ٿي، ان پوڙهي کي جڏهن انهن جي گندي حرڪت جي خبر پئي ته ان چيو: جتان ڪان ڀڳا آهيو، اتي ئي واپس وڃو! سچي دل سان توبهه ڪيو! توهان کي هن عذاب کان نجات ملي ويندي. بهرحال اهي ٻئي واپس ڪعبي شريف وٽ آيا، سچي دل سان توبهه ڪئي ۽ پڪو عهد ڪيو ته آينده ڪڏهن به اهڙي خراب حرڪت نه ڪنداسين، انهن جي توبهه قبول ٿي ۽ الله پاڪ انهن کي عذاب کان نجات عطا فرمائي ڇڏي (يعني ٻنهي جا جسم الڳ الڳ ٿي ويا). (اخبارِ مکۃ للازرقی،باب ما جاء فی فتح الکعبۃ،جلد:1 ،صفحہ:178)

اي عاشقانِ رسول! ڏنو توهان ڪعبي شريف جي ويجهو گناهه ڪرڻ ڪيتري قدر هلاڪت جو باعث آهي. ان ڪري گناهن کان ته هر جڳهه تي بچڻ لازم آهي، البت حج جو شرف ملي، عُمري جي سعادت ملي، حرمِ پاڪ جي حاضري هجي ته اتي گناهن کان بچڻ وڌيڪ ضروري آهي.

شرف مجھ کو ہر سال حج کا خُدا دے
مدینہ بھی ہر بار مولیٰ دکھا دے
شرف دیدِ کعبہ کا دیدے اِلٰہی!
مجھے سبز گنبد کا جلوہ دکھا دے
عبادت میں لگ جائے دِل یااِلٰہی!
مرے دِل سے غفلت کا پردہ ہٹا دے
سیہ ہے مرا سارا اَعمال نامہ
اِلٰہی! سیاہی تو اس کی مٹا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2): ڪعبي شريف جي برڪت سان شفا ملندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! تُبَّع حِمْيَري جي واقعي مان اسان ڪي هي به سکڻ جي لاءِ مليو ته ڪعبو شريف نهايت ئي بابرڪت مقام آهي، ان جي ادب ۽ احترام جي برڪت سان غضبِ الٰهي کان نجات ۽ بيمارين کان شفا نصيب ٿيندي آهي. عالم سڳورا فرمائن ٿا: ڪعبي شريف جي برڪتن مان هڪ برڪت هي به آهي ته پکي ان جي ادب خاطر ان جي مٿان ناهن اڏامندا، ڪو پکي ڪڏهن به ڪعبي شريف جي ڇت يا ان جي ڀِتِن تي ناهي ويهندو، ها! جڏهن ڪو پکي بيمار هجي ته ڪعبي شريف جي ڇت تي ويهندو يا ان جي مٿان گُذري ويندو آهي، ان جي برڪت سان ان کي شفا ملي ويندي آهي. (تفسير خزائن العرفان، پاره:4، سورة آلِ عمران، زيرِ آيت:97 ، صفحه:126بتغير قليل)

## ڪعبي جي چاٻيءَ جي برڪت

شِفاءُ الغِرام ۾ آهي: مڪي وارن جو ڪيئي سالن تائين هي طريقو رهيو آهي

تہ کو ٻار پيدائشي گونگو هوندو هو تہ ان کي ڪعبي شريف ۾ آڻيندا ۽ ڪعبي شريف جي دروازي جي چاٻي ان جي وات ۾ رکندا هئا جنهن جي برڪت سان اهو ٻارُ ڳالهائڻ لڳندو هيو. (شفاء الغرام باخبار البلد الحرام، الباب الثالث عشر، جلد:1، صفحہ:353خلاصۃً)

## وبا (بيماري) ڪيئن دور ٿي...؟

علامہ احمد بن علي فاسي رَحمۃُ اللہِ عَلَيْہ لکن ٿا: 433 سن هجري جي ڳالھ آهي، ڪعبي شريف جي هڪ ڪنڊ رُڪنِ يماني وٽان آڳر جي برابر پٿر جو ٽڪرو ٽُٽي پيو، ماڻھن جي ان ڏانهن توجھ نہ وئي، لهٰذا ان جي مرمت بہ نہ ٿي سگھي، پٿر جو ايترو ننڍڙو ٽڪرو ڪعبي شريف کان جُدا ٿيڻ جي نحوست اها ٿي جو مکي پاڪ ۾ وبا پکڙجي وئي، هر روز ماڻھو مرڻ لڳا، جيڪو بہ ان وبا جو شڪار ٿيندو هيو 3 ڏينهن جي اندر اندر موت جو شڪار ٿي ويندو هيو، آخر ڪار خُراسان جي رهاڪو ڪنهن نيڪ ٻانهي کي خواب وسيلي رهنمائي ڪئي وئي، جيئن تہ اهو ٽڪرو ڳولي ڪري واپس ڪعبي جي پٽ سان لڳايو ويو تہ وبا ختم ٿي وئي. (شفاء الغرام باخبار البلد الحرام ،الباب الثالث عشر،جلد:1 ،صفحہ:352خلاصۃً)

سُبْحٰنَ اللہ ! اللّٰه پاڪ اسان کي بہ ڪعبي شريف جي عزّت ڪرڻ، ادب ۽ احترام سان ڪعبي شريف کي ڏسڻ، ان مان برڪت وٺڻ، غلافِ ڪعبہ سان جهومي ڪري چنبڙڻ، بابِ ڪعبہ کي بوسو ڏيڻ، ان سان چنبڙي خوب دعائون ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. ڪاش! ڪعبي شريف جي برڪت سان اسان کي جسماني بيمارين ۽ ان سان گڏوگڏ گناهن جي بيمارين کان بہ شفا نصيب ٿي وڃي. آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

تُو مکہ دِکھا دے، مدینہ دکھا دے | مرے دِل میں مکہ مدینہ بسا دے

| | |
|---|---|
| شرف دیدِ کعبہ کا دیدے اِلٰہی! | مجھے سبز گنبد کا جلوہ دکھا دے |
| تُو جسمانی بیماریاں دُور فرما | دے روحانی امراض سے بھی شفا دے |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪعبي شريف جي تعمير گهٽا ڀيرا ٿي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪعبي شريف جي تاريخ تمام پُراڻي آهي. روايتن جي مطابق ڪعبي شريف ڪي 10 ڀيرا تعمير ڪيو ويو. روايتن ۾ اچي ٿو ته ڪعبي شريف جي پهرين تعمير ملائڪن ڪئي، پوءِ حضرت آدم عَلَيهِ السَّلَام ان کي ٻيون ڀيرو تعمير فرمايو.

## ڪعبي شريف جي تعمير 5 طرح جي پٿرن سان ٿي

روايت آهي: الله پاڪ جا نبي حضرت آدم عَلَيهِ السَّلَام جڏهن جنّت مان هن دنيا ۾ تشريف وني آيا ته پاڻ کي هتي اڪيلائي ۽ وحشت محسوس ٿي، جيئن ته پاڻ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ فرياد ڪيو، بَس الله پاڪ پاڻ کي ڪعبو شريف تعمير ڪرڻ جو حڪم ڏنو. (تفسيرِ کبير ،پاره:4 ،سورۂ آلِ عمران،زيرِ آيت:96 ،جلد:3 ،صفحه:296)

روايتن ۾ آهي: جڏهن حضرت آدم عَلَيهِ السَّلَام ڪعبي شريف جي تعمير فرمائي، ان وقت ملائڪن 5 جبلن جا پٿر ڪٽي ڪري سندن خدمت ۾ پيش ڪيا، انهن مان ئي ڪعبي شريف کي تعمير ڪيو ويو. انهن جبلن جا نالا هي آهن: (1): ڪوهِ لبنان (2): ڪوهِ طور (3): ڪوهِ زيتا (4): ڪوهِ جودي (جنهن تي حضرت نُوح عَلَيهِ السَّلَام جي ٻيڙي رُڪي هئي (5): ۽ ڪوهِ حِرا جيڪو مڪي پاڪ ۾ آهي. (سُبُلُ الْهُدىٰ ،جلد:1 ،صفحه:147 خلاصةً)

عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: خانهءِ ڪعبه چو ته نمازن جي لاءِ قبلو آهي ۽ نماز 5

وقت فرض آهي، انهيءَ مناسبت سان ڪعبي شريف جي تعمير 5 جبلن سان ٿي.
(تحفۂ معراج النبی ،صفحہ:366)

حج کا شَرَف ہو پھر عطا یارَبِّ مصطفےٰ!
دیدے طوافِ خانۂ کعبہ کا پھر شَرَف
رُخ سوئے کعبہ ہاتھ میں زَم زَم کا جام ہو

میٹھا مدینہ پھر دکھا یارَبِّ مصطفےٰ!
فرما یہ پورا مُدَّعا یا ربِّ مصطفےٰ!
پی کر میں پھر کروں دُعا یارَبِّ مصطفےٰ!

(وسائِلِ بخشش،صفحہ:129ملتقطًا)

## ڪعبي شريف جي متعلق دلچسپ معلومات

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪعبو شريف بيتُ الله آهي، ان جو چا ته نرالو شان آهي. اچو! ڪعبي شريف جي متعلق ڪجھ دلچسپ معلومات ٻڌون ٿا: عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ڪعبي شريف جي عمارت مربع شڪل جي آهي، ان ڪري ڪعبي شريف کي ڪعبو (يعني 4 ڪنڊن وارو گهر) چوندا آهن لفظِ ڪعبہ جي هڪ معنٰي: بلند ۽ اپريل به آهي، اڳي زماني ۾ ماڻهو ڪعبي شريف جي عزّت ۽ حرمت جي سامهون رکي پنهنجا گهر گول ٺهرائيندا هئا ۽ ڪعبي شريف کان مٿي نه ڪندا هئا، ڇوته اهو ئي گهر مبارڪ ويجهي تمام گهرن کان بلند هو، ان ڪري ان کي ڪعبو چيو ويو. (تحفۂ معراج النبی ،صفحہ:400) ڪعبي شريف تي پهريان غلاف نه هوندو هو، سڀني کان پهريان تُبَّع حِمۡيَري ڪعبي شريف تي غلاف چڙهايو، ان کان بعد ڪعبي شريف تي غلاف چاڙهڻ جو معمول ٻڌجي ويو ڪعبي شريف جي غلاف جو رنگ شروع کان ڪارو نه آهي، مختلف زمانن ۾ ٻين رنگن جا غلاف به چڙهايا ويا، البت هاڻي ڏگهي عرصي کان ڪاري رنگ جو ئي غلاف چاڙهيو ويندو آهي. سيدي اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان جي تمام پياري حڪمت بيان ڪئي آهي. پاڻ فرمائن ٿا:

سر سبزِ وَصۡل یہ ہے،سِیَہ پَوش ہجر وہ
چمکی دو پٹّوں سے جو حالت جِگر کی ہے

(حدائقِ بخشش ،صفحہ:223)

**وضاحت:** گنبذِ خضرا جو سائو رنگ ملڻ جي علامت آهي ۽ ڪعبي شريف جو ڪارو رنگ جُدائي جي علامت آهي. هي رنگ دل جي ڳالهه ظاهر ڪري رهيو آهي جيڪو نور واري آقاء مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان مليل آهي (يعني گنبذِ خضراء شريف) اهو خوشيءَ مان سرسبز آهي ۽ جيڪو پري آهي (يعني ڪعبو شريف) اهو جُدائي جي غم ۾ ڪارو لباس پهريل آهي.

پياري آقاء مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏاڏي سائين حضرت عبدُ المطلب ڪعبو شريف هڪ ڀيرو سونَ سان سينگاريو هو. (السيرة الحلبية، باب بنيان قريش الكعبة شرفها الله تعالىٰ، جلد:1، صفحه:251) اهڙيءَ طرح وليد بن عبدُ الملڪ پنهنجي حڪومت جي دور ۾ 36 هزار سونَ جون اشرفيون موڪليون ۽ پنهنجي گورنر کي حڪم ڏنو ته هن رقم مان ڪعبي شريف جي ڇِتِن تي سونَ جو ڪم ڪرايو وڃي، سونَ جو نيسارو ٺاهيو ويو ۽ ٿنڀن تي به سون چاڙهيو وڃي. (السيرة الحلبية، باب بنيان قريش الكعبة شرفها الله تعالىٰ، جلد:1، صفحه:251) اهڙيءَ طرح امين بن هارون الرشيد پنهنجي حڪومت جي دور ۾ ڪعبي شريف جي دروازي تي سون جو پتر چڙهايو، ان ۾ سون جا ڪِلَ هڻايا. (السيرة الحلبية، باب بنيان قريش الكعبة شرفها الله تعالىٰ، جلد:1، صفحه:251)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪعبي شريف جون ڪجهه خصوصيتون

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪعبو شريف نهايت ئي بابرڪت مقام آهي، ان جون ڪوڙ ساريون خصوصيتون آهن: الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاِذْ جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ وَاَمْنًا ؕ | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان هن گهر کي ماڻهن جي اچڻ جو مرڪز ۽ امان بڻايو. (سيپارو: 1، سورة بقرة: 125) |

هن آيتِ ڪريمہ ۾ ڪعبي شريف جون ٻہ خصوصيتون بيان ٿيون: (1): ڪعبو شريف ماڻهن جي لاءِ مَرْجِعْ (يعني موٽڻ جي جاءِ) آهي (2): ڪعبو شريف امن جي جاءِ آهي.

## (1): ڪعبي شريف ڏانهن دليون مائل آهن

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيمُ الاُمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ان جاءِ تي سڄي جهان جا ماڻهو جمع ٿيندا آهن. جيڪو هڪ ڀيرو اتي ايندو آهي، اهو بار بار اچڻ چاهيندو آهي، رستي جي مصيبتن جي پرواهہ ناهي ڪندو جيڪو دنيا جي مصروفيت ڪان فارغ ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجي آخري عُمر ۾ قدم رکندو آهي تہ الله، الله ڪرڻ جي لاءِ ڪعبي شريف وڃڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جن جي قومن تي عذاب آيو، اهي پنهنجي قوم جي هلاڪت ڪان بعد عام طور اتي تشريف آڻيندا هئا ۽ آخر تائين اتي ئي تشريف فرما رهندا هئا، هر جاءِ تان مسلمان انهيءَ جي طرف منهن ڪري نماز پڙهندا آهن اهڙيءَ طرح ڪو مسلمان ڪٿي بہ مري، قبر ۾ ان جو منهن ڪعبي شريف ڏانهن ئي ڪندا آهن. لهٰذا معلوم ٿيو: ڪعبو شريف مَرجعِ خلائِق (يعني عظيم زيارت گاهہ ۽ ماڻهن جي موٽڻ جي جاءِ) آهي. (تفسيرِ نعيمی،پاره:1، سورۂ بقره،زيرِ آيت:125، جلد:1، صفحہ:708 بتغير قليل)

## اُتَ طواف ڪيو

عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ڪعبي شريف جي خصوصيتن مان هڪ خصوصيت هيءَ بہ آهي تہ جڏهن ڪان ڪعبو شريف بڻايو ويو آهي، تڏهن ڪان اڄ تائين ڪڏهن بہ طواف ڪرڻ وارن ڪان خالي ناهي ٿيو، هر وقت انسان، جِنَّ يا ملائڪ ان جو طواف ڪندا ئي رهندا آهن. (شفاء الغرام باخبار البلد الحرام،الباب الثالث عشر،جلد:1، صفحہ:354) ايستائين جو حضرت عبدُ الله بن زُبير رَضِيَ اللهُ عَنْه جي دورِ خلافت ۾ جڏهن حجاج بِن يوسف ڪعبي شريف تي حملو ڪيو، ان ڏينهن عين حرمِ پاڪ

۾ طواف جي جاءِ تي پٿر وَسايا پئي ويا، ماڻهو پنهنجي جان بچائڻ جي فڪر ۾ هئا، ڪو بہ انسان طواف ڪندي نظر نہ اچي رهيو هو پر الله پاڪ جو شان ڏسو! ان وقت بہ هڪ اُٺُ جهومندو ڪعبي شريف جي طواف ۾ مصروف هيو. (روض الانف،حديث بنيان الكعبة و حكم رسول الله ...جلد:1 ،صفحہ:371)

## ملائڪَ بہ ڪعبي شريف جو طواف ڪندا آهن

روايتن ۾ اچي ٿو: جتي اسان جو ڪعبو شريف آهي، ان جي بلڪل سڌو آسمان تي ملائڪن جو قبلو آهي، جنهن کي بيتُ المعمور چوندا آهن، اتي ملائڪن جي جماعت ٿيندي آهي ۽ هڪ ڏينهن ۾ 70 هزار ملائڪَ اتي نماز پڙهندا آهن، جيڪي هڪ ڀيرو پڙهي وڃندا آهن، ڀيهر ڪڏهن بہ انهن جي واري ناهي ايندي. (حُسْنُ التَّنَبُّہ لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبُّہ ،و منها: الامامة ،جلد:1،صفحہ:248) پوءِ جڏهن شام ٿيندي آهي تہ اهي 70 هزار ملائڪ زمين تي اچي ويندا آهن ۽ ڪعبي شريف جو طواف ڪندا آهن. (حُسْنُ التَّنَبُّہ لِمَا وَرَدَ فِي التَّشَبُّہ ،و منها: قصد البيت الحرام بالحج...الخ،جلد:1،صفحہ:361)

سبحان الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي ڪعبي شريف جي خصوصيت، جو اهو مبارڪ مقام آهي جتي هر وقت الله پاڪ جي عبادت ٿيندي ئي رهندي آهي.

## ڪعبي شريف جي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ فرياد

منقول آهي: هڪ ڀيري الله پاڪ جا نبي حضرت سليمان عَلَيهِ السَّلَام پنهنجي لشڪر سان گڏ هوا ۾ اڏامندي ڪيڏانهن تشريف وٺي وڃي رهيا هئا، سندن ڪعبي شريف جي ويجهو کان گذر ٿيو پر پاڻ اتي ڪنهن سبب ترسي نہ سگهيا، اڳتي تشريف وٺي ويا، اهو معاملو ڏسي ڪري ڪعبو شريف رُنو ۽ بارگاهِ الاهي ۾ عرض گذار ٿيو: اي الله پاڪ! تنهنجي نبين مان هڪ نبي

عَلَيهِ السَّلام جو لشڪر هتان ڪان گذريو پر اهو مون وٽ تشريف وٺي نہ آيو. ان تي الله پاڪ ارشاد فرمايو: اي ڪعبہ! نہ رؤ...!! مان پنهنجي ٻانهن تي تنهنجو حج فرض ڪندُس جو تنهنجي طرف ائين ايندا جيئن پکي پنهنجي آکيري جي طرف ايندا آهن، اهي تنهنجي طرف ائين روئيندي ڊوڙندا، جيئن ڏاچي پنهنجي ڦَرَ جي شوق ۾ ڊوڙندي آهي. (اي ڪعبہ!) مان تو (يعني تنهنجي شهر) ۾ نبيءِ آخرُ الزّمان (صَلَّی اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) کي پيدا ڪندُس، جيڪو مونکي سڀني نبين کان وڌيڪ پيارو آهي. (تفسيرِ بغوی،پاره:19 ،سورۂ نمل ،زيرِ آيت:18 ،جلد:3 ،صفحہ: 390 ملتقطاً)

الله اڪبر! ڪعبي شريف جو ڇا تہ نرالو شان آهي جو الله پاڪ ماڻهن جون دليون ان جي طرف مائل ڪري ڇڏيو آهن، الحمد لله! دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ مان ماڻهو پيسا خرچ ڪري، سفر جون مشڪلاتون برداشت ڪري اتي ايندا ۽ طوافِ ڪعبہ جي سعادت ماڻيندا آهن ۽ ڪيترا ئي ويچارا اهي آهن جيڪي حاضر ناهن ٿي سگهندا پر ڪعبي شريف کي هڪ نظر ڏسڻ جي لاءِ تڙپندا رهندا آهن.

بڑا حج پہ آنے کو جی چاہتا ہے | بُلاوا اب آئے گا کب یااِلٰہی!
میں مکّے میں آؤں مدینے میں آؤں | بنا کوئی ایسا سَبب یااِلٰہی!

(وسائل بخشش،صفحہ:107)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2): ڪعبو شريف امن جو مقام آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪعبي شريف جي ٻي اهم خصوصيت هيءَ آهي تہ الله پاڪ ڪعبي شريف ۽ ان جي ويجهو حرمِ پاڪ کي مقامِ امن بڻايو آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَنۡ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا ؕ | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو ان گھر ۾ داخل ٿيو امن وارو ٿي ويو. (سيپارو: 4، سورة آلِ عمران: 97) |

سبحان الله! معلوم ٿيو: جيڪو ڪعبي شريف (۽ ان جي ويجھو ڪيئي ڪلو ميٽر تي پکڙيل حرم پاڪ) ۾ داخل ٿي ويو، اھو امن ۾ اچي ويو.

## مڪي پاڪ ۾ اچڻ واري ڪي بخشيو ويو

عالم سڳورا فرمائن ٿا: جيڪو ٻانھو ڪعبي شريف (حرم جي حدود) ۾ داخل ٿي وڃي، ان جي امن ۾ اچڻ جون مختلف صورتون آھن: ھڪ صورت تہ ھيءَ آھي تہ جيڪو خوش نصيب نيڪي جي نيّت سان حج يا عُمرو وغيره ڪرڻ جي لاءِ حرمِ پاڪ ۾ پھچي ويندو آھي، اھو قيامت جي ڏينھن عذاب کان امن ۾ رھندو. (تفسيرِ بغوى،پاره:4، سورۀ آلِ عمران،زيرِآيت:97، جلد:1، صفحہ:386) **حديثِ پاڪ** ۾ آھي: پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو حرمِ پاڪ ۾ اچي ويندو آھي، ان ڪي نيڪيون ملنديون آھن، ان جون بُرايون دور ڪيون وينديون آھن ۽ ان ڪي بخشيو ويندو آھي. (معجمِ كبير،جلد:5، صفحہ:332، حديث:11328)

میں مکّے میں پِھر آ گیا یااِلٰہی! | کرم کا ترے شکریہ یااِلٰہی!
نہ کر رَدّ کوئی التجا یااِلٰہی! | ہو مقبول ہر اِک دُعا یااِلٰہی!

## ٻاھ بلڪل بي اثر نہ ڪيو

قاضي عِياض مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شفا شريف ۾ لکن ٿا: ھڪ ڀيري سَعَدُوان خَوَلاني وٽ ڪجھ ماڻھو آيا ۽ ٻڌايائون تہ فلاڻي قبيلي ھڪ شخص کي قتل ڪيو، پوءِ ان جي لاش کي ٻاھ ڏئي چڙھي پر حيرت جي ڳالھ ھئي جو رات دير تائين ان جو جسم ٻاھ ۾ رھيو، ان جي باوجود ان تي ٻاھ ڪو اثر نہ ڪيو، ايستائين جو ان جو اڇو رنگ ٻاھ ۾ سڙڻ کان بعد بہ اھڙو جو اھڙو ئي رھيو.

سَعدوان خُولاني هيءَ ڳالھ ٻڌي ڪري چيو: ان مرڻ واري شخص 3 حج ڪيا هوندا؟ ماڻهن ٻڌايو: ها! ان 3 حج ڪيا هئا. ان تي سَعدُوان خولاني چيو: مونکي هيءَ ڳالھ پهتي آهي تہ جيڪو ٻانهو هڪ حج ڪري، ان پنهنجو فرض ادا ڪيو، جنهن ٻيون حج ڪيو، ان الله پاڪ جي بارگاھ ۾ قرض پيش ڪيو ۽ جنهن 3 حجَ ڪيا ان جي جسم ۽ جسم تي ڦِٽڻ وارن وَارَن کي جهنّم تي حرام فرمائي ڇڏيندو آهي. (الشفاء،الجزء الثانی،القسم الثانی،الباب الرابع ،فصل فيما يلزم من دخل مسجد النبی ...الخ،صفحہ:80)

## مڪي پاڪ ۾ مرڻ جي فضيلت

سبحان الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي ڪعبي شريف جي برڪت...!! جيڪو خوش نصيب ڪعبي شريف ۾، حرم جي حدود ۾ اچي ويندو آهي، حج جي سعادت ماڻيندو آهي، الله پاڪ ان کي عذاب کان نجات عطا فرمائي ڇڏيندو آهي. هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو حرمين مان ڪنهن هڪ (يعني مڪي شريف يا مديني پاڪ) ۾ وفات ماڻي، اهو منهنجي شفاعت ماڻي وٺندو ۽ قيامت جي ڏينهن اَمن وارن سان گڏ اٿندو. (معجمِ کبير،جلد:3 ،صفحہ:568 ،حديث:5980)

## ميدانِ محشر ۾ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ جي ڌوم ڌام

حضرت وَهب بن مُنبِّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: تورات شريف (جيڪو آسماني ڪتاب آهي، حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام تي نازل ٿيو، ان ڪتاب) ۾ لکيل آهي: الله پاڪ قيامت جي ڏينهن پنهنجي 7 لک مُقرب ملائڪن کي سون جا زنجير (***Golden Chains***) عطا فرمائيندو ۽ حڪم ڏيندو تہ انهن زنجيرن سان ڪعبي شريف کي ميدانِ محشر ۾ ڪٺي اچو! ملائڪَ ويندا، انهن سونَ جي زنجيرن سان ڪعبي شريف کي ٻَڌندا، پوءِ هڪ ملائڪ پڪاري ڪري چوندو: اي ڪعبہ! هل...! ڪعبو شريف چوندو: مان نہ هلندُس جيستائين منهنجو سوال پورو نہ ٿي وڃي.

آسمان مان هڪ ملائڪ پڪاريندو: اي ڪعبہ! سوال ڪر تنهنجو سوال پورو ڪيو ويندو. هاڻي ڪعبو شريف الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندو: اي الله پاڪ! منهنجي ويجهو دفن ٿيڻ وارن مومنن جي حق ۾ منهنجي شفاعت قبول فرماءِ. آواز ايندو: مون تنهنجي درخواست قبول فرمائي ورتي (يعني تنهنجي ويجهو جيڪي مومنَ دفن آهن انهن سڀني جي حق ۾ تنهنجي شفاعت قبول ڪئي وئي.) جيئن تہ جن مسلمانن کي مڪي پاڪ ۾ دفن ٿيڻ جي سعادت ملي هوندي، انهن کي جمع ڪيو ويندو، انهن جا چهرا اڇا چمڪدار هوندا، اهي سڀ احرام جي حالت ۾ ڪعبي جي چوطرف جمع ٿي ويندا ۽ انهن سڀني جي زبان تي هڪ ئي ڪلمو هوندو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (مان حاضر آهيان اي الله! مان حاضر آهيان).

هاڻي ملائڪَ ڪعبي شريف کي چوندا: اي ڪعبہ! هاڻي هل...!! هاڻي تہ تنهنجو سوال پورو ٿي چڪو. ڪعبو شريف چوندو: مان نہ هلندُس جيستائين منهنجي درخواست قبول نہ ٿي وڃي. آسمان مان هڪ ملائڪ پڪاري چوندو: اي ڪعبہ! گُهر توکي ڏنو ويندو. ڪعبو شريف چوندو: اي الله پاڪ! تنهنجا گنهگار ٻانها جيڪي پري، پري کان مِٽيءَ ۾ ميرا ٿي مون وٽ آيا، انهن پنهنجن ٻارن ٻچن، مٽن مائٽن کي ڇڏيو ۽ تنهنجي حڪم تي عمل ڪندي، منهنجي زيارت جي شوق ۾ آيا ۽ حج ڪيائون، اي الله پاڪ! مان تو کان سوال ڪريان ٿو تہ انهن حاجين جي حق ۾ بہ منهنجي شفاعت قبول فرماءِ انهن کي قيامت جي گهٻراهٽ کان امن عطا فرماءِ ۽ انهن کي منهنجي ويجهو جمع فرمائي ڇڏ. الله پاڪ فرمائيندو: اي ڪعبہ! مون انهن جي حق ۾ بہ تنهنجي شفاعت قبول ڪئي. هاڻي ملائڪ اعلان ڪندو: جنهن ڪعبي جي زيارت ڪئي هئي، اهو ٻين ماڻهن کان الڳ ٿي وڃي. هي اعلان ٻڌي ڪري محشر وارن مان اهي تمام ماڻهو جيڪي ڪعبي جي زيارت سان مشرف ٿيا هوندا، جنهن حج جي يا عُمري

جي سعادت حاصل ڪئي هوندي، اهي سڀ الڳ تي ڪري ڪعبي شريف جي چؤطرف جمع ٿي ويندا، انهن جا چهرا اڇا هوندا ۽ جهنم کان بي خوف ٿي ڪري ڪعبي شريف جو طواف ڪري رهيا هوندا، انهن جي زبانن تي ٻه هڪ ئي ڪلمو هوندو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (مان حاضر آهيان اي الله! مان حاضر آهيان). پوءِ ملائڪ پڪاريندو: اي ڪعبہ! هاڻي تہ تنهنجو سوال پورو ٿي ويو هاڻي تہ هل...! هاڻي ڪعبو شريف بہ تَلْبِيہ پڙهندو، (يعني ڪعبو شريف بہ چوندو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ مان حاضر آهيان اي الله! مان حاضر آهيان) پوءِ ڪعبي شريف کي ان شان سان ميدانِ محشر ۾ آندو ويندو جو دنيا ۾ ڪعبي جي زيارت ڪرڻ وارا انهن جي چؤطرف طواف ڪري رهيا هوندا ۽ انهن سڀني جي زبانن تي هي ڪلما هوندا: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ (مان حاضر آهيان اي الله! مان حاضر آهيان). (الروض الفائِق ،صفحہ:48)

حج کا شَرَف ہو پھر عطا یارَبِّ مصطفےٰ!
دیدے طوافِ خانۂ کعبہ کا پھر شَرَف

میٹھا مدینہ پھر دکھا یارَبِّ مصطفےٰ!
فرما یہ پورا مُدَّعا یارَبِّ مصطفےٰ!

(وسائِلِ بخشش،صفحہ:129ملتقطًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دلين ۾ شفقت رکي ويندي آهي!

پيارا اسلامي ڀائرو! حرمِ پاڪ ۾ داخل ٿيڻ وارو مومن امن ۾ اچي ويندو آهي، ان جي هڪ صورت عالم سڳورن هيءَ لکي آهي جيڪو خوش نصيب حرمِ پاڪ ۾ داخل ٿي ويندو آهي، الله پاڪ مخلوق جي دل ۾ ان جي لاءِ شفقت رکي ڇڏيندو آهي، (تفسيرِ ڪبير،پاره:4، سورة آلِ عمران،زيرِ آيت:97، جلد:3، صفحہ:303) ايستائين جو جيڪڏهن شڪار ڪرڻ وارو جانور ڪنهن ٻئي جانور (مثلاً شينهن هرڻي تي حملو ڪري رهيو هجي) ۽ اهو جانور ڊوڙي ڪري حدودِ حرم ۾ پهچي وڃي تہ شڪاري جانور ان کي ڇڏي ڏيندو آهي، ان تي حملو ناهي

ڪندو، اهڙيءَ طرح جيڪو اتي اچي ڪري پناهه وٺندو آهي، اللّٰه پاڪ ان کي پناهه عطا فرمائي ڇڏيندو آهي. (تفسيرِ بغوی،پاره:4، سورۃ آلِ عمران،زيرِ آيت:96، جلد:1، صفحہ:385)

## ظالم مڙس جو هٿ سُن ٿي ويو

حضرت حُوَيْطِبْ رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: دورِ جاهليت جي ڳالهه آهي، مان ڪعبي شريف جي ويجهو وينو هيس، ايتري ۾ هڪ عورت اتي آئي، ان جو مڙس ان تي ظلم ڪري رهيو هو، عورت پنهنجي مڙس جي خلاف ڪعبي شريف جي وسيلي سان پناهه گهري پر مڙس کي اجان به حيا نه آئي، ان جيئن ئي عورت جي طرف هٿ وڌايو ته ان جو هٿ شَل (سُن) ٿي ويو. (معجمِ کبير،جلد:2، صفحہ:297، رقم:2999 )

## (3): ڪعبي شريف جي هڪ خصوصيت: طواف

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪعبي شريف جي هڪ خصوصيت هي به آهي ته دنيا ۾ هي واحد مقام آهي، جنهن جو طواف ڪيو ويندو آهي. اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلْيَطَّوَّفُوْا بِالْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ﴿۲۹﴾ | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ان آزاد گهر جو طواف ڪيو ويندو آهي. (سيپارو: 17، سورۃ حج: 29) |

## طواف جي شروعات ڪيئن ٿي...؟

منقول آهي: هڪ ڀيري حضرت امام زينُ العابدين رضی اللہ عنہ طواف فرمائي رهيا هئا ته هڪ شخص پاڻ کان سوال پڇيو پر امام زينُ العابدين رضی اللہ عنہ ان جي طرف ڪا توجهه نه فرمائي. ايستائين جو پاڻ طواف جا 7 چڪر مڪمل فرمايا، پوءِ پاڻ رضی اللہ عنہ حطيم ۾ تشريف وٺي آيا ۽ ميزابِ رحمت جي هيٺان ويهي ڪري 2 رڪعتون نماز ادا فرمائي، پوءِ سڏو ويهي ڪري فرمايائون: اهو سوال ڪرڻ

وارو ڪٿي آهي؟ ان شخص کي حاضر ڪيو ويو، امام زينُ العابدين رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: ڇا پڇي رهيو هُئين؟ عرض ڪيائين: سائين...!! ڪعبي شريف جو طواف ڪڏهن کان شروع ٿيو؟ طواف ڇو شروع ٿيو؟ طواف ڪيئن ڪيو ويندو هو؟ امام زينُ العابدين رَضِیَ اللہُ عَنْہ ان شخص کان پڇيو: ڪٿان جو رهاڪو آهين؟ چيائين: مُلڪِ شام جو آهيان. فرمايائون: مُلڪِ شام ۾ ڪهڙي جڳهه جو؟ عرض ڪيائين: بيتُ المقدس جي ويجهو. امام زينُ العابدين رَضِیَ اللہُ عَنْہ وري پڇيو: ڇا تو توريت ۽ انجيل پڙهيو آهي؟ ان عرض ڪيو: جي ها! پڙهيو آهي. هاڻي امام زينُ العابدين رَضِیَ اللہُ عَنْہ ان جي سوال جو جواب ڏيندي فرمايائون: اي شامي! منهنجو جواب ياد ڪري وٺو! تون مون کان روايت نه ڪندي پر صرف حق ڳالهه. ڪعبي شريف جو طواف هيئن شروع ٿيو جو جڏهن الله پاڪ ملائڪن کي ٻڌايو ته مان زمين تي پنهنجو خليفو (يعني حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام) کي بڻائڻ وارو آهيان، ان وقت ملائڪن هيئن ظاهر ڪيو ته اسان خلافت جا وڌيڪ حقدار آهيون، ان تي الله پاڪ ارشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| قَالَ اِنِّیْۤ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۳۰﴾ | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ مان اهو ڄاڻان ٿو جيڪو توهان نٿا ڄاڻان. (سيپارو: 1، سورة بقرة: 30) |

الله پاڪ جو هي ارشاد ٻڌي ڪري ملائڪن کي لڳو ته شايد اسان جي هن ڳالهه جي ڪري الله پاڪ اسان کان ناراض آهي، جيئن ته هاڻي ملائڪن عرشِ الٰهي جي پناهه ورتي، پنهنجا چهرا مٿي ڪنيائون، عاجزي ڪئي، رُنا ۽ 7 سالن تائين عرشِ الٰهي جو طواف ڪندا رهيا، آخر الله پاڪ انهن جي طرف نظرِ رحمت فرمائي ۽ عرش جي هيٺان انهن جي لاءِ 4 ٿنين وارو، زَبَرجد جو هڪ گهر ٺاهيو ۽ ملائڪن کي فرمايو: هن گهر جو طواف ڪيو، جيئن ته ملائڪ ان گهر جو طواف ڪرڻ لڳا، انهيءَ کي بيتُ المعمور چيو ويندو آهي. پوءِ الله پاڪ ڪجهه ملائڪن کي زمين تي موڪليو ۽ حڪم ڏنو ته زمين تي به بيتُ

المعمور جهڙو ۽ انهيءَ سائز جو هڪ گهر ناهيو. پوءِ جڏهن اهو گهر تعمير ٿي ويو تہ الله پاڪ زمين جي مخلوق کي حڪم فرمايو: جيئن آسمان وارا بيتُ المعمور جو طواف ڪندا آهن، توهان هن گهر جو طواف ڪيو...!! (اخبار مكہ للازرقى ،ذكر بناء الملائكة الكعبة ،جز:1 ،صفحہ:27 -29 )

هڪ روايت جي مطابق حضرت آدم عَلَيهِ السَّلَام جي پيدائش کان 2 هزار سال پهريان، بيتُ المعمور جي عمارت ٺهرائي، هي پيمائش ۾ بيتُ المعمور جي برابر هو، ان وقت ڪعبي شريف جو طواف تہ صرف زميني ملائڪ ڪندا هئا پر ان جو حج زمين ۽ آسمان جا تمام ملائڪ ڪندا هئا. (تفسيرِ خازن،پاره:4 ،آلِ عمران ،زيرِ آيت:96 ،جلد:1 ،صفحہ:271)

## طواف جي فضائلن تي ڪجھ حديثون

حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِىَ اللهُ عَنْهما فرمائن ٿا تہ مون پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻُڌو تہ جنهن ڳڻي ڪري طواف جا 7 چڪر پورا ڪيا ۽ پوءِ 2 رڪعتون ادا ڪيون تہ هي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جي برابر آهي ۽ طواف ڪندي ماڻهوءَ جي هر قدم تي ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ ان جا 10 گناھ مٽايا ويندا آهن ۽ 10 درجا بُلند ڪيا ويندا آهن. (مسندِ امام احمد ،جلد:3 ،صفحہ:7 ،حديث:4555) پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو بيتُ الله جي طواف جا 7 چڪر پورا ڪري ۽ ان ۾ ڪا لَغو (يعني بيهوده) ڳالھ نہ ڪري تہ هي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جي برابر آهي. (معجمِ كبير ،جلد:9 ،صفحہ:82 ،حديث:17233) حضرت عبدُ الله بن عبّاس رَضِىَ اللهُ عَنْهما کان روايت آهي تہ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن 50 ڀيرا طواف ڪيو گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ پنهنجي ماءُ جي پيٽان پيدا ٿيو. (ترمذى ،كتاب الحج،باب ما جاء فى فضل الطواف ،صفحہ:234 ،حديث:866) حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن برسات ۾ طواف جا 7 چڪر لڳايا ان جا پنيان گناھ بخشيا ويندا آهن. (قُوْتُ الْقلوب،جلد:2 ، صفحہ:198)

## جڏهن اسان بارش ۾ طواف ڪري چڪاسين ته........

حضرت ابو عِقال رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا ته هڪ ڀيري مان بارش جي دوران حضرت انس بن مالِڪ رَضِیَ اللهُ عَنْه سان گڏ بيتُ الله شريف جو طواف ڪيو. جڏهن اسان طواف مڪمل ڪرڻ کان بعد مقامِ ابراهيم تي حاضر ٿياسين ۽ 2 رڪعتون ادا ڪيون ته حضرت اَنس رَضِیَ اللهُ عَنْه اسان کي فرمايو ته ورائي عمل شروع ڪيو ڇو جو توهان جي مغفرت ٿي چڪي آهي پوءِ فرمايائون ته جڏهن اسان نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ بارش جي دوران طواف ڪيو هو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کي انهيءَ طرح فرمايو هو. (ابنِ ماجه، کتاب المناسک، باب الطواف فی مطر، صفحه:508، حديث:3118)

سُبْحَانَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهن ڪعبي شريف جا بُلند شان...!! ڪعبو شريف برڪت وارو مقام آهي ان جي برڪت سان شفا ملندي آهي ڪعبي شريف جي طرف دليون مائل ٿينديون آهن، ڪعبي شريف جي برڪت سان امن ۽ ايمان نصيب ٿيندو آهي ڪعبي شريف جي برڪت سان قيامت جي ڏينهن امن وارن سان گڏ اٿڻ نصيب ٿيندو جيڪو ڪعبي شريف کان پناهه حاصل ڪندو آهي ان کي پناهه ڏني ويندي آهي ڪعبي شريف جو طواف ڪرڻ مُنفرد نيڪي آهي طواف ڪرڻ واري کي هر قدم تي 10 نيڪيون ملنديون آهن، 10 گناهه مٽايا ويندا آهن ۽ 10 درجا بُلند ڪيا ويندا آهن. ڪاش! اسان کي به ڪعبي شريف جي زيارت ڪرڻ، غلافِ ڪعبه سان چنبڙڻ، حطيمِ پاڪ ۾ نمازون پڙهڻ، حجرهءِ اَسود کي چُمڻ ۽ ڪاش! جهومي جهومي ڪري ڪعبي شريف جو طواف ڪرڻ نصيب ٿي وڃي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## حج جي شوقين جو ڪم بڻجي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! ڪعبي شريف جي حاضري يعني حج ۽ عُمري

جي لاءِ مال ۽ دولت جي نه بلڪ دل جي تڙپ ۽ ذوق ۽ شوق جي ضرورت آهي. جنهن جي دل ۾ تڙپ هجي، ان جي لاءِ ڪٿان نه ڪٿان اسبابَ بڻجي ئي ويندا آهن. امام جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ عاشقِ رسول هو، ان کي حج تي وڃڻ جو تمام وڏو شوق هيو، 3 سالن تائين لاڳيتو اهو حج جي لاءِ دعائون ڪندو رهيو، روئي روئي ڪري ربَّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندو رهيو:

بڑا حج پہ آنے کو جی چاہتا ہے | بُلاوا اب آئیگا کب یاالٰہی!
میں مکّے میں آؤں مدینے میں آؤں | بنا کوئی ایسا سَبَب یا الٰہی!

(وسائلِ بخشش، صفحہ:107)

لاڳيتو 3 سال دعائون ڪندو رهيو پر ان جي دل جي حسرت پوري نه ٿي، چوٿين سال حج جي موسم هئي، دل ۾ حرمين شريفين پهچڻ ۽ ڪعبي شريف جي زيارت جو شوق تمام گهڻو هو، ان تڙپي تڙپي ڪري الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعائون ڪيون، هن ڀيري ان تي ڪرم ٿي ئي ويو، جيئن ته هڪ رات جڏهن اهو سُتو ته سُتل قسمت جاڳي پئي، اک لڳندي ئي دل جون اکيون کُلي ويون، زندگي سنوارڻ واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ عاشقِ رسول جي دل جي حسرت کي پورو فرمائڻ جي لاءِ خواب ۾ تشريف وٺي آيا.

اُمّت کے حال سے وہ آگاہ ہر گھڑی ہیں | خوابوں میں آرہے ہیں، بگڑی بنارہے ہیں

رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اُن عاشق کي فرمايو: تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃجانءِ.

پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زبان مبارڪ مان حج جي اجازت جي خوشخبري ٻڌندي ئي ان عاشقِ رسول جي اک کُلي وئي، بارگاهِ رسالت مان حج جي اجازت ملي چڪي هئي، ان جي دل خوشيءَ مان جهومي رهي هئي، پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو منٺو منٺو پياريو پياريو آواز ان جي ڪنن ۾ گونجي رهيو هو، اهو تمام گهڻو خوش هو پر اوچتو ياد آيو ته حج

جي اجازت نہ ملي وئي آهي پر مون وٽ نہ اوترا اسباب ئي ناهن جو حج تي وڃي سگهان، هي خيال اچڻ جي دير هئي، سڄي خوشي غم ۾ تبديل ٿي وئي، ٻي رات ٿي، وري نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خواب ۾ تشريف وٺي آيا، وري ارشاد فرمايائون: تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃجانءِ. اهو عاشقِ رسول مفلس هجڻ جو ذڪر نہ ڪري سگهيو، ٽئين رات وري ڪرم ٿيو، وري الله جا رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ فرمايائون: تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃجانءِ. هن ڀيري بہ اهو پنهنجي پريشاني بيان نہ ڪري سگهيو، آخر چوٿين رات وري ڪرم ٿيو، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خواب ۾ تشريف وٺي آيا تہ ان عرض ڪيو يارسولَ الله! يا حبيبَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون وٽ تہ سفر جو خرچ بہ ناهي، مان ڪيئن تو حج جي لاءِ وڃي سگهان؟..

پاس مال و زَر نہیں اُڑنے کو بھی پَر نہیں | کر دو کوئی انتظام تم پہ کروڑوں سلام

رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇو نہ؟ تو وٽ زادِ راھ (سفر جو خرچ) آهي، تون پنهنجي گهر جي فلاڻي جڳھ کوٽ، اتي تنهنجي ڏاڏي جي زِرَھ موجود هوندي، اوترو فرمائي ڪري نور جا پيڪر، تمام نبين جا سَرْوَر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف وٺي ويا. صبح جو عاشقِ رسول جي اک کُلي، تمام گهڻو خوش هيو، نمازِ فجر ادا ڪرڻ کان بعد آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ٻڌايل جڳھ کي کوٽڻ شروع ڪيائين، واقعي اتي هڪ قيمتي زِرَھ موجود هئي، ان اها زِرَھ وڪڻي ۽ حج جي لاءِ روانو ٿي ويو. (عيون الحڪايات، جلد:2، صفحہ:223)

جسے چاہا دَر پہ بُلا لیا | جسے چاہا اپنا بنا لیا
یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے | یہ بڑے نصیب کی بات ہے

## حج جو شوق ڪيئن وڌايون؟

خبر پئي! حج جي لاءِ مال و اسباب جي نہ، شوق ۽ تڙپ جي ضرورت آهي،

لهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي دل ۾حج جو شوق وڌايون حج جا فضائل پڙهون، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! دل ۾ حج جو شوق پيدا ٿيندو ڪاش! اسان پنهنجو هي معمول بڻايون تہ رات جو ڪنهن وقت اڪيلائي ۾ ويهي رهون، ڪڏهن ڪعبي شريف جو تصور ڪيون، ڪڏهن مِنٰي شريف جو تصور ڪيون، تصور ئي تصور ۾ ڪڏهن ميدانِ عرفات ۾ پهچون، ڪڏهن لَبَّيۡك اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡك جون صدائون لڳايون. صفا مروه جي سعي ڪيون. پوءِ پنهنجي مَحرومي کي تصور ۾ آڻي ڪري الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ روئي روئي ڪري دعائون ڪيون: اي الله! مونکي حج جي سعادت عطا فرماءِ، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! حج جو شوق پيدا ٿيندو، اکين مان لڙڪ جاري ٿيندا، تہ الله پاڪ جي رحمت ۾ وڏي اُميد آهي تہ ڪرم ٿيندو، دل ۾ شوق بہ وڌندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ حج جو سڏ بہ نصيب ٿي ئي ويندو. اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جا تمام بهترين 3 ڪتاب آهن: عاشقانِ رسول کی 130 حکایات ،رَفِيۡقُ الۡحَرَمَيۡن ۽ رَفِيۡقُ الۡمُعۡتَمِرِيۡن هي ڪتابَ پڙهو، دل ۾ حج جو شوق وڌائڻ جو نهايت زبردست نسخو آهن. پنهنجي والدين ۽ مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ۽ پنهنجي قبر ۽ آخرت کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ حج ۽ عُمري تي وڃڻ وارن کي تحفي طور پيش ڪيو، حج ۽ عُمرو ڪرڻ وارا هنن ڪتابن کي پڙهندا، سُنّي انداز ۾ حج ۽ عُمرو ادا ڪري سگهندا تہ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! اسان کي بہ ان جون برڪتون ملنديون، ڪهڙي خبر تہ ان نيڪ عمل جي صدقي اسان کي بہ مديني پاڪ ۽ مکي شريف جو سڏ ملي وڃي.

جان ودِل ہوش و خرد سب تو مدینے پہنچے | تم نہیں چلتے رضا سارا تو سامان گیا

## 12 مَدَني ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! مديني جو عشق ماڻڻ، نيڪ نمازي ۽ نيڪين واري

زندگي گذارڻ جي لاءِ عاشِقانِ رَسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ وڌ ڪان وڌ حِصّو وٺو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! زندگي ۾ نيڪين جي بهار ايندي، الله پاڪ جي رضا وارا ڪم ڪرڻ جا موقعا نصيب ٿيندا.

## حج جي سعادت نصيب ٿي وئي

پنجاب جي علائقي اِلٰہ آباد (ضلعي قصور) جي رهاڪو هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته نه هيس پر ديني ڪمن جي معاملي ۾ سُستي جو شڪار هيس، هڪ ڏينهن هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ مونکي سمجهائيندي ديني ڪم ڪرڻ ۽ بطورِ خاص نمازِ فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ واري ديني ڪم جي خوب پابندي ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، الحمد لله! منهنجو ذهن بڻجي ويو ۽ مان ايندڙ ڏينهن ئي ان تي عمل شروع ڪري ڇڏيو. فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ ته ڇا شروع ڪيو، الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪرم ٿي ويو، قسمت جو تارو ايئن چمڪيو جو انهيءَ سال مونکي مديني پاڪ جي حاضري جي سعادت نصيب ٿي وئي، ڪرم مٿان ڪرم هي به ٿيو ته منهنجي وڏي ڀاءُ کي به حج جي سعادت نصيب ٿي وئي.

| | |
|---|---|
| عطائے حبیبِ خُدا مدنی ماحول | ہے فیضانِ غوث و رضا مدنی ماحول |
| سنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ الله! | تم اپنائے رکھو سدا مدنی ماحول |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حج ۽ عُمره موبائل ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ

اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ان حوالي سان دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان مختلف موبائل ايپليڪيشنز جاري ٿي چڪيون آهن، انهن مان هڪ ايپليڪيشن آهي:***Hajj &Umrah*** (حج ۽ عُمرو).

هن ايپليڪيشن جي مدد سان توهان حج ۽ عُمري جو مختصر طريقو ۽ حج ۽ عُمري جا ضروري مسائل وغيره ڄاڻي سگهو ٿا، ان کان علاوه هن موبائل ايپليڪيشن ۾ حج ۽ عُمري جون دعائون، حرمين شريفين جي اهم زيارت جي مقامن جي معلومات وغيره بہ شامل آهي، هن موبائل ايپليڪيشن جو هڪ اهم فيچر هي آهي تہ هن ۾ ٿري ڊي وڊيوز (***3D Videos***) جي ذريعي حج ۽ عُمري جو عَملي طريقو بہ سيڪاريو ويو آهي. جنهن وٽ اسمارٽ فون (***Smart Phone***) جي سهولت آهي، اهي هيءَ ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾انسٽال ڪري وٺن! هن مان فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن 3 ڀيرا فرمايو: منهنجي نائب تي اللہ پاڪ جي رحمت هجي. عرض ڪيو ويو: حضور! اوهان جا نائب ڪير آهن؟ فرمايائون: منهنجي سنّت سان محبت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا.

(جامع بيانِ علم،باب علم کے فضائل ،جلد:1 ،صفحہ:201، حديث:220)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## صلح ڪرائڻ سنّتِ مصطفٰي آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جيڪو شخص ماڻهن جي درميان صلح ڪرائيندو الله پاڪ ان جو معاملو دُرست فرمائي ڇڏيندو، ۽ ان کي هر ڪلمي چوڻ تي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب عطا فرمائيندو ۽ جڏهن موٽندو تہ پنهنجي پنين گناهن کان مغفرت ماڻيل ٿي ڪري موٽندو. (الترغيب و الترهيب ،كتاب الادب ،باب فی اصلاح بين الناس ،صفحہ:893 ،حديث:9)

اي عاشقانِ رسول! مسلمان پائرن جي پاڻ ۾ صلح ڪرائڻ سنّتِ مصطفٰي آهي، جيڪڏهن ڪڏهن صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُم جي درميان ڪا غلط فهمي ٿي ويندي يا ڪڏهن 2 صحابہ جي وچ ۾ نااتفاقي ٿيندي هئي تہ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ حڪمتِ عملي سان انهن ۾ صلح ڪرائي ڇڏيندا هئا، جيئن تہ هڪ ڀيري غير مسلمن جي سازش سان صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُم جي 2 وڏن قبيلن اَوس ۽ خزرج جي درميان نااتفاقي پيدا ٿي وئي، جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ان جي خبر پئي تہ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف وٺي آيا ۽ انهن جي پاڻ ۾ صلح ڪرائي، اهڙيءَ طرح پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا صلح ڪرائڻ جا ڪيئي واقعا آهن، جن جو تفصيلي ذڪر سيرت جي ڪتابن مثال طور سيرتِ مصطفٰي ۽ سيرت رسولِ عربي وغيره ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

پيارا اسلامي ڀائرو! صلح ڪرائڻ جي تعلق سان هي ياد رهي تہ مسلمانن جي درميان اها ئي صلح ڪرائڻ جائز آهي جيڪا شريعت جي دائري ۾ هجي، مدني مصطفٰي، محبوبِ خُدا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مسلمانن جي درميان صلح ڪرائڻ جائز آهي پر اها صلح (جائز ناهي) جيڪا حرام کي حلال ڪري ڇڏي يا حلال کي حرام ڪري ڇڏي.

صلح ڪرائڻ جي متعلق وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو رسالو صلح

ڪرائڻ جا فضائل پڙهي ونندا.

اللّٰه پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیِّین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد